# Sindhi (First Language) Kumar Bharati Std. X Activity Booklet

## عملي پرچي ۽ عملي پستڪا بابت.

### مانيوار اڌياپڪ، شاگرد ۽ مائٽ ۽ پڙهندڙ...

گذريل سال 2015-2016 ۾ ملهه ماپڻ ۾ ڪيترين ئي تبديليون آنديوُن ويون، جنجو سواگت سيني واسطيدارن ڪيو. اها نئين شروعات درجي نائين کان ٿي. ان سلسي کي قائم رکندي سال 2016-2017 ۾ درجي ڏهين لاءِ ملهه ماپڻ جو ساڳيو طريقو اختيار ڪيو ويندو. سکڻ ۽ سيکارڻ جي ترتيب ۾ ملهه ماپڻ تمام گهڻي اهميت وارو ٿو. عام طرح ملهه ماپڻ لاءِ امتحاني پيپر ورتو ويندو آهي. جنهن ۾ وڏا سوال، ننڍا سوال، خال جوڙا، وياڪرڻ وغيره اچي ويندا آهن. اهي ملهه ماپڻ جا روايتي ساڌن آهن.

گذريل سال مهاراشٽر سرڪار ملهه ماپڻ جي روايتي گهيري کي ٽوڙي، پاشا وشين جي ملهه ماپڻ ۾ وندرائيندڙ ۽ وٹندڙ تبديل آندي. امتحاني پيپر، ٻار لاءِ اٹوٹندڙ، ڊپ پيدا ڪندڙ يا هڪ قسم جو بوجهه نه ٻڻجي ان لاءِ ملهه ماپڻ جي طريقي ۾ عملي ڪم کي ترجيح ڏني ويئي.

توهان سيني کي ڄاڻ آهي ته نئين عملي پرچي ۾ مشغوُلين تي آڌار رکندڙ ڪاريه ڏنا ويا آهن. تعليم جو مکيه مقصد آهي ته شاگرد اڳتي هلي پنهنجوُن جوابداريون سمجهي، گهر، سماج ۽ ديش ڏانهن پنهنجا فرض سمجهي هڪ سچو ۽ سمرٿ ناگرڪ ٻڻجي سگهي. سکڻ سيکارڻ جي ترتيب اهڙي هئڻ گهرجي جو ٻار جو ساريرڪ، مانسڪ ۽ منووگيانڪ وڪاس ٿي سگهي. تعليم جي مقصدن کي پورو ڪرڻ لاءِ ئي ملهه ماپڻ جي اها نئين رچنا ڪارگر ثابت ٿيندي. شاگرد اندر مناسب تبديليوُن آڻڻ تعليم جو مکيه مقصد آهي. تعليم جو سڌو واسطو ڪاميابيءَ سان آهي. پر تعليم ۽ گناهن جو پاڻ ۾ ابتو سنبڌ آهي. وڪٽر هگو جي چوڻ موجب جيترا اسڪوُل کلندا اوترا گناهه گهٽ ٿيندا.

'He, who opens a school, closes the prison.'

سکڻ ۽ سيکارڻ جي پرکريا زنده ، صحت مند ۽ تعليم جي مول مقصدن جي تکميل کندڙ هجي. ان لاءِ عملي پرچو مشغولي آڌارت ٺاهيو ويو آهي.

مشغولي آڌارت ملهه ماپڻ ۾ هيٺيان مقصد سامهون رکيا ويا آهن؛

1) ٻار پاٺ جي سنکلپنا کي ڄاڻو آهي.
2) ٻار نثر جو پاٺ برابر سمجهيو آهي.
3) نثر سان واسطو رکندڙ مشغوليُون ٻار پاڻ کري سگهي ٿو.
4) نثر۾ سمايل مواد بابت پنهنجا ويچار ٻڌائي سگهي ٿو.
5) نثر ۾ سمايل مواد کي پنهنجي ويچارن جي دنيا سان جوڙي ان بابت پنهنجا رايا قائم کري ٿو.
6) نثر ۾ آيل نوان لفظ سمجهي انهن کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ کم آڻي ٿو.
7) نظم جي سار کي ٻار سمجهيو آهي.
8) کوتا ۾ سمايل جدا جدا ڀاون کي ٻار اظهار کري سگهي ٿو.
9) کوتا ۾ آيل رنگين زبانيءَ کي ٻار سمجهيو آهي.
10) جدا جدا شاعرن بابت ٻار ڄاڻ حاصل کئي آهي.
11) اڻ ڏٺل نظم ۽ نثر جي ٽکر کي ٻار سمجهي ٿو.
12) انهن ٽکرن جي مشغُولين کي ٻار سمجهي پاڻ کري ٿو.
13) جدا جدا واقعا، ڏڻ خاص گهٽنائُون، انهن بابت ٻار احوال پيش کرڻ ۾ لياقت حاصل کئي آهي.
14) الڳ الڳ وشين تي پنهنجي سوچ موجب ٻار پنهنجا ويچار پيش کري سگهي ٿو.
15) روزاني زندگيءَ ۾ الڳ الڳ حالتن ۾ هوُ صحيح گفتگوُ کري سگهي ٿو.
16) ٻار دستوُري توڙي غير دستوُري خط لکڻ ۾ قابليت حاصل کئي آهي.
17) عملي وياکرڻ ۽ غير عملي وياکرڻ جا سوال ٻار حل کري سگهي ٿو.
18) کنهن ڏٺل ٽکر کي ٿوري ۾ پر مکمل نموُني پيش کرڻ جي قابليت ٻار حاصل کئي آهي.
19) ’هلکو ابياس‘ جو درسي کتاب ۾ کهڙي اهميت آهي انجي ڄاڻ حاصل

ڪري ٿو.

مٿين مقصدن کي ڌيان ۾ رکندي درجي ڏهين جي پهرين ڀاشا جي ملهه ماپڻ ۾ ڪافي تبديليوُن آنديوُن ويون آهن. ملهه ماپڻ ۾ 'پاڻ ڪرڻ' تي زور ڏنو ويو آهي. پاڻ ڪرڻ معنيٰ پاڻ سکڻ، سکڻ سيکارن جي پرڪريا ۾ مشغوُلي ڪندي ڪندي ٻار کي حاصل ڪيل گيان جي ڄاڻ پوي ٿي. ڪنفيوشس (Confucius) جي مشهور چوڻي آهي:

I hear I forget. I see I remember. I do I understand.

مشغوُلي تي آڌارت ملهه ماپڻ جو مقصد پوُرو ڪرڻ لاءِ نئين اڀياسڪرم ۾ واسطيدار مدا ڪنيا ويا آهن. حواسي شڪتي وڌائڻ لاءِ جدا جدا اپڪرم ڏنا ويا آهن. ٻار انهن سڀني ڪاررواين کي ڪرڻ لاءِ اُستادن، دوستن ۽ مائٽن جي مدد وٺي سگهي ٿو.

اڄ جو زمانو گوُگل جو زمانو آهي. وگيان ۽ تڪنيڪ جي هن ترقيءَ واري زماني ۾ ٻار موبائيل، ڪمپيوُٽر، انٽرنيٽ جي مدد سان گيان مشغولين کي ڪاميابيءَ سان پوُرو ڪري سگهي ٿو.

ان ڏس ۾ خاص هڪ عملي ڪتاب جي رچنا ڪئي ويئي آهي. عملي ڪتاب جو استعمال ڪري شاگرد پنهجو آئينده سنواريندا. اڌياپڪ، پالڪ، شاگرد، هن عملي ڪتاب جو سواگت ڪندا اهڙو وشواس آهي.

# عملي پستڪا.

تعليم انسان جي ٽين اک آهي. تعليم جي ذريعي انسان پنهنجي زندگي سنواري سگهي ٿو. تعليم دواران سماج ۾ بنا خون خرابي آندولن آڻي سگهجي ٿو. اڄ جي زماني ۾ تعليم جي اهميت تمام گهڻي وڌيل آهي. تعليم جي اوسر جي ڏاڪن ۾ آشرم، گروُڪل، اسڪوُل اچي وڃن ٿا. ائين چئجي ته جيون جي ڪنهن به ڪيتر وانگر تعليم جي ڪيتر پڻ تبديليوُن ڏٺيوُن آهن. تعليم جو مقصد ٻار کي فقط لکڻ پڙهڻ سيکارڻ نه آهي، تعليم جو واسطو سڌو زندگيءَ سان آهي. تعليم جو مقصد آهي ته ٻار حاصل ڪيل گيان ذريعي پنهنجي جيون ۾ ترقي ڪري ۽ سماج ۽ ديش ڏانهن پنهنجي فرض جو پالن ڪري. وقت بدلجڻ سان گڏ، سکڻ سيکارڻ جي ترتيب ۾ به بدلاو ايندا رهيا آهن.

آزموُدن ۽ تجربن وسيلي هلندڙ پرڪريا جوُن خاميوُن جاچي هڪ نئين پرڪريا جنم وٺي ٿي. ماستر مرڪزي سکيا، ٻار مرڪزي سکيا، لياقت مرڪزي سکيا، هنر مرڪزي سکيا اهڙيوُن پرڪريائوُن اسين ڏٺيوُن آهن. قومي اڀياسڪرم روپ ريکا (NCF) 2005، مهاراشٽر راجيه اڀياسڪرم روُپ ريکا 2010 موجب، هاڻوڪا درسي ڪتاب تيار ڪيا ويا آهن. درجي پهرئين کان درجي اٺين تائين ڪشادو لاڳيتو ملهه ماپڻ (Comprehensive Continuous Evaluation) طريقو لاڳوُ ڪيو ويو آهي. درجو نائون ۽ درجو ڏهون اهي سيڪنڊري تعليم جا مکيه ڏاڪا آهن. درجو ڏهون پڙهندڙ ٻار پهرين ڀاشا ۾ ڪيترائي لفظ حاصل ڪري چڪو آهي. نثر توڙي نظم بابت به هن چڱيوُن ڳالهيوُن سکيوُن آهن. ملهه ماپڻ ۾ ڦير گهير سال 2015-2016 کان درجي نائين لاءِ آندي ويئي. هن سال اهو طريقو درجي لاءِ اپنايو ويندو. امتحاني پيپر فقط هڪ سوالي پيپر نه رهي مشغوُلي پرچو(Activity Sheet) سڏيو ويندو. هن نئين طريقي ۾ درسي ڪتاب جي آڌار تي ملهه ماپڻ وقت ڪيتريوُن ئي مشغوُليوُن ڏنيوُن

ويون آهن. اهو ملهہ ماپڻ مکيہ طورActivity based learning تي مدار رکي ٿو. اسان کي ڄاڻ آهي تہ ٻار جو ڏيان جدا جدا سوال پڇڻ، نئين ڳالهہ ڪرڻ ڏانهن جلدا ڇڪجي وڃي ٿو ۽ وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ منتظر ٿيڻ اهي هن جو بنيادي خصوصتون آهن. انهن خصوصتن کي همٿائي اجان بہ جيڪڏهن هن کي مشغولين ۾ رڌل رکبو تہ هن وڌيڪ تيزيءَ سان گيان حاصل ڪري سگهندو. مشغوليون ڪرڻ ۾ ٻار چاهہ سان ڀهرو وٺي ٿو ۽ چاه سان ڪيل ڪم جو نتيجو هميشهہ بهتر ايندو آهي. جدا جدا مشغولين مان ٻار بابت هيٺين ڳالهين جي ڄاڻ پوي ٿي:

- ٻار نثر يا نظم بابت ڇا سمجهيو آهي.
- ٻار جي دماغي قابليت.
- پنهنجن ويچارن کي پنهنجن لفظن ۾ پيش ڪرڻ جي قابليت.
- وياڪرڻ جي نيمن موجب ان جو صحيح اسطعمال ڪرڻ جي قابليب.
- ٻار جو حاصل ڪيل لفظي ڀندار.
- ٻار جي ڪلپنا شڪتيءَ جو وڪاس.
- درسي ڪتاب کان سواءِ ٻين ذريعن مان گيان حاصل ڪرڻ جي قابليت.
- جدا جدا وشين تي پنهنجا ويچار رکڻ جي قابليت.

” سکڻ ۽ سيکارڻ جي پرڪريا ۾ مشغولي ٻار جو لاڙو سکڻ طرف وڌائي ٿي ۽ ڪيس ڀهريون هٿ آزمودو ڏئي ٿو.

ڪيمي ٽولا هڪ مشهور ليکڪ جي چوڻ موجب:

“Success is based on learning and incredible curiosity.”

نئين طريقي موجب ٻار جي حاصل ڪيل گيان جي ڇڪاس ڪرڻ لاءِ جدا جدا مشغوليون استعمال ڪرڻ گهرجن. امتحاني پيپر ٻارن ۾ ڪنهن بہ قسم جو ڊپ پيدا نہ ڪري ان خيال کان امتحاني پيپر ۾ تبديليوڻ آنديون ويون آهن. امتحاني پيپر اهڙو هئڻ گهرجي جنهن ۾ ٻار بنا ڪنهن ڊپ ڊاو جي مشغولين ۾ ڀهرو وٺندي پنهنجي حاصل ڪيل گيان جو اظهار ڪري سگهي. امتحاني پيپر لکندا ٻار هڪ آنند واري ماحول محسوس ڪري. ٻار پنهنجا ويچار آزاديءَ سان پيش ڪري سگهي. ڪنهن خاص وشيہ بابت هو ڇا چوڻ چاهي ٿو، پنهنجي ڪلپنا شڪتيءَ جي مدد سان

هو ڪهڙا رايا، ڪيتري حد تائين ڏيئي سگهي ٿو. الڳ الڳ قسم جوُن مشغوليون پنهنجي دماغي شڪتيءَ سان ڪيئن حل ڪري سگهي ٿو، انهن سڀني ڳالهين جو ڌيان هن عملي پستڪا ۾ رکيو ويو آهي. انهن مشغولين مان ٻار سمجهي سگهندو تہ تعليم جو دائرو اسڪوُل جي چئن ديوارن تائين محدود نہ آهي پر اهو وسيع آهي. اسڪول ڪان ٻار گهر، پاڙو، ماحول، بازار، سئر سپاٽو اهي سڀ تعليم جا ماڌيم ٿي سگهن ٿا. جڏهن ٻار کي خود مختياري ڏجي ٿي تہ هوص پنهنجوُن ڀاونائون، امنگ، اتساهہ، احساس، اظهار، پنهنجي طريقي بيان ڪري سگهي ٿو. ٻار جي ان پيشڪش مان ٻار ڪيترو گيان حاصل ڪيو آهي، هن جي ڪلپنا شڪتيءَ ۾ ڪيترو وڪاس ٿيو آهي، هن جي رچناتمڪ شڪتي ڪٿي پهتي آهي، انهن سڀني جي سچي پرکہ ان ملهہ ماپڻ جي طريقي سان ٿي سگهندي.

مکيہ پهلوُ:

1. گيان رچناواد جي مدد سان ٻار مرڪزي مشغولي ابياس.
2. ٻار جو آتموشواس وڌائڻ.
3. ٻار جي اوچ سوچ ويچار قابليت جو وڪاس ڪرڻ.
4. ردعمل مشغولين سان ٻار جو آتم وشواس وڌائڻ.
5. رٽڻ جي عادت کي دور ڪرڻ.
6. لفظي ڀندار وڌائڻ.
7. خود ابياس لاءِ اتساهت ڪرڻ.
8. ملهہ ماپڻ جي طريقي ۾ غيردستوريپڻو آڻڻ.
9. ٻار جي سرجڻ شڪتي وڌائڻ.
10. آزمودن وسيلي حاصل ڪيل گيان بابت همٿائڻ.
11. ٻوليءَ جي لحاظ کان ٻار کي پختو ڪرڻ.
12. ساهتيہ جي جدا جدا انگن جي ٻار کي سڃاڻپ ڪرائڻ
13. دليلي ويچار پيش ڪرڻ جي قابليت وڌائڻ.

اهو ضروري آهي تہ روايتي نموني ملھ ماپڻ ۾ مشغولي آڌارت ملھ ماپڻ جي اهم جزن جو ويچار ڪجي. هر طريقي ۾ ڪي گڻ دوش ٿين ٿا. ان ڪري اسانکي اهوطريقو اختيار ڪرڻ گھرجي جيڪو وڌ ۾ وڌ بي نقص هجي.

## روايتي ملھ ماپڻ طريقو.

1. يادگيري شڪتي تي وڌيڪ رور.
2. مشغولين لاءِ گھٽ جڳھ.
3. مارڪن تي وڌيڪ زور.
4. ٻارن جي اظهار شڪتيءَ ڏانهن گھٽ ڌيان.
5. ٻوليءَ جي سهڻي استعمال کي نظرانداز ڪرڻ.
6. فقط دستوري تعليم ڏانهن وڌيڪ ڌيان.
7. لکاوٽ تي وڌيڪ زور.
8. ڪيئن، ڪٿي ، ڇا انهن سوالن تي گھٽو زور.
9. زندگي ۾ وهنوار کان پري هئڻ.
10. ٻارپنهنجا احساس، انومان پيش ڪرڻ ۾ ناڪامياب.
11. پنهنجي دماغ سان نون سوالن جا جواب ڏيڻ ۾ ٻارن جو ناڪامياب ٿيڻ.
12. امتحاني پيپر لاءِ .V.N.B سوالن تي ياڙڻ.
13. ٽيل ڳالهين جو ورٺن نہ ڪري سگھڻ.
14. محدود دائري ۾ سکڻ سيکارڻ جي پرڪريا.

روايتي ملھ ماپڻ طريقي جي مٿين خامين کي دور ڪرڻ لاءِ ۾ تعليم کي ڪلاس روُم جي چئن ديوارن کان ٻاهر ڪڍي زندگيءَ جي آزمودن سان جوڙڻ لاءِ راجيہ سرڪار Activity based evaluation کي اپنايو آهي. ان نئين طريقي وسيلي ٻارن جو آتم وشواس وڌندو. ٻار پنهنجا ويچار خودمختيار نموني پيش ڪرڻ ۾ ڪامياب ويندا.

## مشغولي آڌارت (عملي پرچو) ملھ ماپڻ طريقو:

1. ٻار ۾ اڏياپڪ ٻنهي جي رچناتمڪ شڪتيءَ جو وڪاس.
2. سکڻ سيکارڻ جي ترتيب ۾ نوان نوان آننددائڪ آزمودا پيش ڪرڻ.
3. ٻارن جي گيان، سمجھ، آزمودو، پيشڪش ۽ اظهار شڪتي انهن جي صحيح نموني ڪٿ ڪرڻ ۽ وڌائڻ.
4. پهرين ڀاشا ۾ لفظن، جملن ۽ وياڪرڻ جي صحيح استعمال جو وڪاس ڪرڻ
5. ٻارن جي جذبن، اميدن، امنگن، احساسن، خوشيءَ ۽ ڏک جي اظهار شڪتي وڌائڻ.
6. 'پاڻ ڪريان، پاڻ سکان' متي جو استعمال.
7. ويچارن کي محدود دائري کان وسيع دائري تائين پهچائڻ.
8. ڪلاس ۾ سکيل ڳالهين جو زندگيءَ ۾ استعمال ۽ زندگيءَ ۾ سکيل ڳالهين جو ڪلاس ۾ استعمال ڪرڻ لاءِ همٿائڻ.
9. رٽڻ کي ڇڏي سوچ ويچار تي وڌيڪ زور.

## پيٽ تختو (Comparison Chart)

| روايتي پيپر | نئون مشغولي آڌارت پرچو. |
|---|---|
| 1. ڪل سوالن جو انداز.7 | 1. ڪل سوالن جو انداز. 6 |
| 2. وڏا سوال، ننڍا سوال، حوالا وغيره | 2. فقط ننڍا سوال |
| 3. نثر، نظم ۽ هلڪي اڀياس جي پاٺن مان سوال. | 3. نثر، نظم ۽ هلڪي اڀياس مان ٽڪر ڏيئي مشغولي آڌارت سوال. اڻ ڏٺل نثر جي ٽڪر مان سوال جواب. |
| 4. يادگيريءَ تي آڌارت | 4. مشغوليءَ تي آڌارت. |
| 5. پنهنجا ويچار پيش ڪرڻ جو گهٽ موقعو | 5. پنهنجا ويچار پيش ڪرڻ تي زور. |
| 6. ڪل مارڪون 189 (وڌيڪ سوالن کي ملائي) | 6. ڪل مارڪون 119 (وڌيڪ سوالن کي ملائي) |
| 7. مضمون 10 مارڪن جو | 7. مضمون 6 مارڪن جو. |
| 8. نثر . 20 مارڪون<br>نظم . 16 مارڪون<br>هلڪو اڀياس . 14 مارڪون<br>وياڪرڻ . 10 مارڪون<br>لکاوتي هنر . 20 مارڪون<br>ڪل مارڪون . 80. | 8. . نثر . 20 مارڪون<br>نظم . 16 مارڪون<br>هلڪو اڀياس . 4 مارڪون<br>وياڪرڻ . 10 مارڪون<br>لکاوتي هنر . 30 مارڪون<br>ڪل مارڪون . 80. |
| 9. وڏا سوال هئڻ ڪري ڪري ٻار جي من ۾ پڙهائيءَ لاءِ شونق نٿو رهي انڪانسواءِ هڪ قسم جو ڊپ (Exam Phobia) رهي ٿو. جنهن جي ڪري من ۾ هميشهه تناو جي اوستا رهي ٿي. ٻار امتحان ۽ تعليم کان پري ڀڄڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. | 9. ننڍن سوالن سبب من ۾ ڊپ نٿو رهي. سوالن جا جواب پاڻ ڳولهڻ جي خوشي ٿئي ٿي. جدا جدا مشغولين ۾ ڀهرو وٺي چاهه ۽ چوچ سان پرچو لکي ٿو. |
| 10. يادگيري شڪتي، طوطي وانگر سوالن جا جواب رٽڻ، خاص سوال ياد ڪرڻ، جوابن ۾ ڪا هڪ ڳالهه پلجي وڃڻ تي پريشاني پيدا ٿيڻ، اهي روايتي پيپر جوڻ خاميون آهن. | 11. نئين طريقي ۾ رٽڻ جي ضرورت نه آهي. هوُ ٽڪر مان جواب ڳولهڻ ۾ چاهه سان ڀهرو وٺي ٿو. |
| 11. خود سوچ ويچار ڪري سوالن جا جواب ڏيڻ لاءِ ڪا به جڳهه نه آهي. | 11. خود سوچ ويچار ڪري سوالن جا جواب ڏيڻ تي زور. |
| 12. ملهه ماپڻ فقط دستوري رهي ٿو. | 12. ملهه ماپڻ دستوري توڙي غيردستوري آهي |

اهڙي نموني روايتي سوالي پيپر جو سروپ بدلايو ويو آهي. ٻوليءَ ذريعي اسان پنهنجا ويچار سٺي نموني پيش ڪري سگهون ٿا. احساس پڙهو ۽ ساهتيه ۾ دلچسپيءَ جي وڪاس لاءِ ٻوليءَ جي وڏي اهميت آهي. زندگيءَ جي هر کيتر ۾ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ ٻوليءَ جو گيان تمام ضروري آهي. ٻولين ۾ سڀ کان پهرين مادري ٻوليءَ کي اوليت ڏني ويئي آهي. مهاتما گانڌيءَ پڻ چيو آهي:

‘Basic education must be imparted through the mother tongue of the child.’

سکڻ سيکارڻ جي پرڪريا ۾ مادري ٻولي اهم آهي. نوان نوان لفظ سکڻ، لفظن مان معنيٰ وارا پورا جملا ٺهڻ، جدا جدا وشين تي پنهنجا مضبوط ترڪ رکڻ، صحيح رفتار ۾ ڳالهائڻ سان گڏ لفظن ۾ مناسب لاهي چاڙهي. جدا جدا اميد ٿي ڪجي ته اهي سڀ حاصلاتون ٻار سيڪنڊري تعليم پوري ڪرڻ بعد پرائي سگهندو. ان ڪري سوالي پيپر جي سروپ ۾اجڙي نموني تبديل آندي ويئي آهي، جيئن ٻار جي ٻوليءَ مٿان پڪڙ پختي ٿئجي.

**اها** ڳالهه ڏٺي ويئي آهي ته عام طور انسان جو سڀاءُ مانار (Inertia) ۾ رهڻ جو هوندو آهي. نئون طريقو اپنائڻ کان هو ڏڪندو آهي. جيئن هلي ٿي تيئن هلندو رهي اها سوچ انسان جي هوندي آهي. نئين طريقي مان نقصان به ٿي سگهن ٿا، هر طريقي ۾ خوبيون، خاميُون هونديون آهن. پوءِ نئين طريقي کي اپنائڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

**انسان** جي ان سڀاءَ کي ڌيان ۾ رکندي نئين ملهه ماپڻ جي طريقي ۾ ممڪن شڪ شبهه/ اعتراض/سوال ۽ انهن جا سماڌان هيٺ ڏجن ٿا.

### شڪ / اعتراض

1) ملهه ماپڻ جي هن طريقي ۾ فقط نثر/نظم جا ٽڪر ڏنل آهن. ٻار درسي ڪتاب ڇو پڙهندو؟

2) نئين طريقي ۾ ساهتيه کي گهٽ اهميت ڏنل آهي.

3) سڄي آکاڻي، ليک، ڪويتا انهن تي سوال نہ اچڻا آهن انڪري شاگرد ساهتيہ جي رس کان وانجهجي ويندو.

4) مشغولين ۾ خودمختياريءَ ڪري شاگرد جدا جدا جواب لکندا، ان وقت ملهہ ماپڻ لاءِ ڪهڙي ڪسوٽي ڪم آڻبي؟

5) فقط ننڍا ننڍا جواب هئڻ ڪري، ڪنهن وشي تي وڌيڪ لفظن ۾ بيان ڪرڻ جي قابليت گهٽجندي.

6) روزاني زندگيءَ ۾ ياداشت جي هڪ پنهنجي اهميت آهي. روايتي طريقي ۾ ياداشت ۾ وڌيڪ زور هو. پر نئين طريقي ۾ ياداشت کي گهٽ اهميت ڏنل آهي.

## سماڌان

1) شاگرد کي طوطي وانگر جواب رٽڻ کان دور رکيو ويو آهي.

2) شاگردن کي پنهنجا ويچار آزاديءَ سان ظاهر ڪرڻ لاءِ تخليقي تحرڪ (Inspiration) ملندو.

3) تڪر مان جواب اهوئي ٻار ڳولهي سگهندو جنهن درسي ڪتاب جو اڀياس چڱيءَ طرح ڪيو هجي.

4) پاڻ اڀياس ڪرڻ ۾ شاگرد مهارت حاصل ڪندا.

5) پنهنجي سوجهہ ٻوجهہ سان دليل پيش ڪرڻ ۾ ڪاميابي ملڻ تي ٻارن جي آتم وشواس ۾ واڌارو ايندو.

6) اڄ تائين ٻار ٻڌي ڪري ئي گيان حاصل ڪندا هئا. ماسترن جي Chalk and talk method جي ڪري ٻارن جي دلچسپي گهٽ رهندي هئي. پر هاڻي پاڻ ڪريائون ڪرڻ ۾ ٻارن جي تعليم ۾ دلچسپي وڌندي.

7) ياشا سيکارڻ ۾ جدا جدا راندين جي استعمال ڪري ڪلاس جو ماحول زنده ۽ خوشنما رهندو.

8) وڌيڪ لفظن ۾ بيان ڪرڻ جي ڪلا جو وڪاس ڪرڻ لاءِ خط، گفتگوُ، احوال تاتپرج جهڙا سوال ڪنيا ويا آهن.




رچناتمڪ
شڪتيءَ ڏانهن
لاڙو
گيان حاصل
ڪرڻ لاءِ تيار.
ڪلپنا شڪتيءَ
ڏانهن لاڙو
شاگرد جي يومڪا
فيصلو وٺڻ
جي قابليت
مشغولين ۾
بهرو وٺندڙ
اظهاري شڪتيءَ
طرف لاڙو

**SECTION – A: PROSE**

## نثر ( پاٺ 3 : ماڻهو ڇا چوندا!، صفحو 9)

**1.** ٻہ لفظ ڳولهيو:

**1)** جنجي معنيٰ هڪٻئي جي ابتڙ هجي

2) جيڪي انگريزي ٻوليءَ ۾ ڪم آندا ويندا هجن.

**2.** جواب لکو

i. ليڪڪ پنهنجي مائٽن جي ڏيءُ ڪي ڪيڏانهن گهمائڻ وٺي ويو؟

ii. برنارڊ شا جي گهر جي تختيءَ تي ڇا لکيل هوندو هو؟

**3.** لاڳاپو رکندڙ لفظ ڳولهي جوڙا ملايو.

| | |
|---|---|
| 1. ڪوڙو | الف. ٽڏو |
| 2. مجلسون | ب. شان |
| 3. ڇانهن | ٻ. گهر |
| 4. وڇولو | پ. پارٽيون |

**4.** مناسب جواب ڳولهي لکو.

i. ليڪڪ پڪچر جي ٽڪيٽ ڪهڙي اگهہ واري ورتي

الف. 9 آني واري

ب. 0-5-1 روپئي واري.

ٻ. 0-4-2 روپئي واري.

پ. 0-14-1 روپئي واري.

ii. كيترا كم اسين ان خيال كان كندا آهيون
الف. ماٺهو پل چون.
ب. ماٺهو ڇا چوندا!
ٻ. ماٺهو ڇو چوندا؟
پ. ماٺهن جي پرواه ڪونهي.

**5. ڏنل مثال موجب گولن ۾ مناسب لفظ ڀريو.**




**نثر ( پاٺ – 6 جيوت جو مزو! صفحو 20 )**

1. صحيح يا غلط لکو.

i. برنارڊ شا هاڪاري گرنتڪار مجيو ويندو آهي.

ii. خيالي جڳت ۾ ماڻهو تنگ ٿيا پيا آهن.

**پاٺ جو ٽڪر:- هن زماني جي هاڪاري ........... حڪم ٿا هلائين.**

2. جواب لکو.

i. ڏند ڪٿائن ۾ ڇا ٻڌبو آهي؟

ii. برنارڊ شا کي ڪهڙو خيال ٿيو؟

iii. ٽڪر مان عدد ڏيکاريندڙ لفظ ڳولهي لکو.

iv. سمجهايو:

ماڻڻ جو ته عرصو ئي نصيب ڪانه ٿو ٿئيس.

3. برئڪيٽ مان مناسب لفظ ڳولهي خال ڀريو.

i. جيترو .......... ٿو خرچي. (ناڻو، پئسو، عقل)

ii. اسين ........... عمر وارا آهيون. (وڏي، پڪي، ڪچڙي)

iii. برنارڊ شا هڪ .......... جڳت ناهيو.(وگياني، خيالي، مهان)

iv. ٻانهن ۾ ......... اهڙو ٿو رهي. (ٻل، وزن، زور)

**نثر ( پاٺ – 10، ٻيئي پوٽا هڪ ڏاڏي جا، صفحو 36)**

ٽڪر پڙهي عملي ڪم ڪريو.

1. ليڪ ڏنل لفظ بدران ٽڪر مان لفظ ڪم آڻي جملا وري لکو.

i. هڪ دفعو مان ميلي ۾ ويس.

ii. مان صبح جو سير لاءِ نڪتس.

**ٽڪر: ان ڏس ۾ .......... ڪيڏو نه سچ سمايل آهي.**

2. تڪر مان لفظ ڳولهي لکو.

الف. ضد لکو.

i. مغربي - ................

ii. انسان - ..................

ب.

i. تهذيب - ................

ii. انسان ذات - ................

3. هيٺين جا جواب لکو:

i. ليڪڪ حيدراباد تعلقي ۾ ڇو ويو؟

ii. گانڌي ڇٽي ڪري ڇا جاري ڪندو؟

4. هيٺين لفظن جو سلسلو ٺاهي لکو.

هلي - ٿي - سان - انسان - انسان - انسان.

5. هيٺين ۾ خال ڀريو.

i. مان ته ........... اجا به اڳتي ويندو آهيان.

ii. انهيءَ .............. ۾ ڪيڏو نه سچ سمايل آهي.

6. سمجهايو:

محمدي شريعت.

| | |
|---|---|
| SECTION - B | نظم |

**نظم : پکيءَ جي پڪار.**

سهڻو صبح ................. پنهجي پرين وطن جي.

1. هم آوازي لفظ لکو:

i. ماڪ

ii. هير

iii. خوشي

iv. گهر

2. جوڙا ملايو.

| | |
|---|---|
| i. سهڻو | الف. چڱتا |
| ii. ڪچا | ب. صبح |
| iii. گهاٽا | ٻ. فرش |
| iv. ڌرتي | پ. ڪٽا |

3. هيٺيون سٽون نثري انداز ۾ لکو:

i. منهنجو اٽڻ اڏڻ هو پنهنجي وڏي ولر سان.

ii. خوش هوس پنهنجي پر ۾.

iii. منڙي هوا چمن جي.

iv. ويهي رهان وڻن تي.

4. ڏنل لفظن جا ساڳي معنيٰ وارا لفظ بيت مان ڳولهي لکو.

i. ڪاڏو - ............

ii. باغ - .............
iii. ديش - ..............
iv. خيال - ...............

5. ’منهن ماڪ‘ اهي لاڳيتا لفظ ’م‘ اکر سان شروع ٿيندڙ آهن.
ساڳئي نموني ’وڏي ولر‘ ’و‘ اکر سان شروع ٿيندڙ ٻہ لاڳيتا لفظ آهن.
اهڙن مثالن جي آڌار تي ٻيا مثال بيت مان چونڊي لکو.

i. ........................
ii. ........................
iii. ........................
iv. ........................

6. سوالن جا جواب هڪ سٽ ۾ لکو.
i. پکيءَ جو کاڌو ڪهڙو آهي؟
ii. پکيءَ جو اُٿڻ - اُڏڻ ڪنهن سان آهي؟
iii. صبح جو وقت پکيءَ ڪيئن گذاريو؟
iv. پکي آزاد ٿي ڪٿي وڃڻ ٿو چاهي؟

7. هيٺيون سٽون سمجهايو:
i. مونکي پٽي پياري پنهجي پرين وطن جي
ii. نازڪ گلن ڦلن کي منهن ماڪ ٺئي ڏٺاريو.

8. برئڪيٽ مان مناسب لفظ چونڊي هيٺيون سٽون پوريون ڪريو.
i. آزاد آهيان پر ............... نہ آهيان.
(آواز ، برباد ، معيار)

ii. وڏي شان سان، وڏي ............ سان اسان توهان جو ڪيون سواگت.

( گان ، مان ، تان )

iii. قوت معنهنجو ٿورو ڪٽن تي نہ شاهي ........... تي.

(طعامن ، ذرڙن ، پوڄن )

iv. خلق منجهہ خالق، خالق سڀ ............. ۾.

( خلق ، دنيا ، برهمانڊ )

## SECTION C : RAPID READER هلڪو اڀياس

3 - جهانگير جو انصاف

ٻُڍڙيءَ جي اکين مان ڳوڙها ............... ڏنڊڻ پئجي ويس.

هيٺيون عملي ڪم پورو ڪريو

1. برئڪيٽ ۾ ڏنل لفظ استعمال ڪري هيٺين سٽن ۾ ليڪ ڏنل لفظ بدلايو.

( ڏاڍي پيار، تڪليف ۾ ورتل ، رستي ، آخر ، پالي ، بيهوش ٿي وڃڻ ، التجا ، پيٽ پالنا )

i. نيٺ عرض ڪيائين.

ii. نيٺ عرض ڪيائين.

iii. واٽ تي پني پيٽ قوت پئي ڪيو اٿئون.

iv. واٽ تي پني پيٽ قوت پئي ڪيو اٿئون.

v. ائين چئي، ويچاري درد ماري ٻڍي ساٽي تي ڪري پيئي.

vi. ائين چئي، ويچاري درد ماري ٻڍي ساٽي تي ڪري پيئي.

vii. جنهن کي لاڏ ڪوڏ سان نپائي پئي نيڻ ٺاريا سين.

viii. جنهن کي لاڏ ڪوڏ سان نپائي پئي نيڻ ٺاريا سين.

2. ابتڙ لفظن جا جوڙا ملايو.

| | |
|---|---|
| ix. ڏيهه | الف. پرواهه |
| x. ضعيف | ب. ناراض |
| xi. بي پرواهي | ڀ. پرڏيهه |
| xii. راضي | پ. طاقتور |

2. ’غير‘ ، ’اڻ‘ ، ’بي‘ ، ’پر‘ ، ’ اَ ‘ انهن مان مناسب اڳياڙيون جوڙي هيٺين لفظن جا صحيح ضد ناهي لکو.

| | |
|---|---|
| i. ايمان | |
| ii. وشواس | |
| iii. ديس | |
| iv. جوابدار | |
| v. ڏوهي | |
| vi. شانتي | |
| vii. پورو | |
| viii. عقلمند | |
| ix. حاضر | |
| x. وٽندڙ | |

3. هيٺين سوالن جا هڪ سٽ ۾ جواب لکو.

i. ٻيڙين حضور جي در کهڙي اميد پاتي هئي؟

ii. ٻيڙن کي کهڙي ملکيت هئي؟

iii. ٻيڙن کي اؤلاد کڏهن تي؟

iv. کنهن جي حکم سان ٻيڙن جي ملکيت ضبط تي؟

4. هيٺيان اصطلاح ڪم آڻي جملا ناهي لکو.

i. امید پائڻ
ii. ڪاهي پوڻ
iii. ساٽو ٽيڻ
iv. ويل وهائڻ

5. هيٺين جا ٿوري ۾ جواب لکو
i. ٻڍڙيءَ ڪهڙو عرض ڪيو؟
ii. پيرسن زال مڙس سان ڪهڙي جٺ ٽي؟

6. هيٺيون خاڪو پورو ڪريو.

| اسم ذات | صفت |
|---|---|
| عرض | ................ |
| بي پرواهي | ................ |
| ................ | ضعيف |
| بيان | ................ |

SECTION D: GRAMMAR ‏ وياڪرڻ

وياڪرڻ تي ڪل ڏهه مارڪون آهن. انجي ورهاست هيٺينءَ ريت آهي:

1. ضد
2. صفتون ٺاهڻ
3. ڳالهائڻ جا لفظ

4. جنس
5. زمان

## SECTION E: WRTITING SKILLS لکاوٽي هنر

1. دستوري / غيردستوري خط ( ڪوبہ هڪ لکڻو آهي)
2. احوال لکڻ: بياني / غيربياني ( ڪوبہ هڪ لکڻو آهي)
3. مضمون (چئن مان هڪ )
4. گفتگو ( ٻن مان هڪ )
5. تاتپرج.

## مثال:

### 1. دستوري خط:

i. اسڪول جي هيڊ ماسٽر ڏانهن:

a. ليونگ سرٽيفڪيٽ ڪڍائڻ بابت
b. اسڪول اندار صفائيءَ بابت
c. في معاف ڪرائڻ بابت
d. ساليانی جلسي ۾ بهرو وٺڻ بابت
e. ڀيڻ جي شاديءَ لاءِ موڪل وٺڻ بابت
f. اسڪول جي ڪئنٽين بابت.
g. لئبرريءَ ۾ نوان ڪتاب گهرائڻ بابت.

ii. اخبار جي سمپادڪ ڏانهن:

a. وڻن جي ڪٽائيءَ جو اطلاع ڏيڻ بابت

b. سرڪار طرفان اسڪولن ۾ ڪمپيوٽر ڏيڻ واري قدم جي ساراه بابت
c. سماج ۾ شادين تي ٿيندڙ فضول خرچن بابت

iii. ميونسيپل اڌڪارين ڏانهن:
a. وارڊ ۾ جمع ٿيل ڪچرو ڪڻڻ بابت
b. پنهنجي ايراضيءَ ۾ وڻ لڳائڻ بابت
c. وڌيڪ آيل هائوس ٽئڪس گهٽائڻ بابت
d. جنم جو سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ بابت
e. پاڙي ۾ ٿيندڙ آوارا جانورن جي پريشانيءَ بابت

iv. پوليس اڌڪاريءَ ڏانهن:
a. پاڙي ۾ وڌندڙ چورين بابت
b. واهڻ جي چوريءَ جي رپورٽ لکائڻ بابت
**c.** وارڊ ۾ ٻن ڌرين ۾ ٿيندڙ جهڳڙن بابت.

v. درخواست
a. نوڪريءَ بابت
b. بئنڪ ۾ کاتو کولائڻ بابت
c. نوڪريءَ تان استيفا ڏيڻ بابت

## غير دستوري خط:

i. ساهيڙيءَ کي جنم ڏينهن جون واڌايُون ڏيڻ بابت.
ii. ننڍي ڀاءُ کي امتحان ۾ پهريون نمبر اچڻ تي واڌايون ڏيڻ بابت
iii. دوست کي پنهنجي گهر جي ائڊريس سمجهائيندي.
iv. پنهنجي سؤٽ کي تعليم جي اهميت سمجهائڻ بابت.

v. پيءُ کان ڪتابن لاءِ پيسا گهرائڻ بابت.
vi. دوست کي راندين ۾ انعام کٽڻ جون واڌايون ڏيڻ بابت.
vii. مامي وٽان مليل جنم ڏينهن جي سوُکڙيءَ لاءِ ڪيس شڪرادائي ڪرڻ بابت.
viii. پنهنجي ڀيڻ کان مئٽرڪ کان پوءِ جي ڪورس جي صلاح وٺڻ بابت.
ix. پنهنجي ماءُ کي ’مدرس ڊي‘ جي موقعي تي.
x. پنهنجي دوست کي گهمي آيل هنڌ بابت

## 2. احوال لکڻ (بياني)

i. اسڪول ۾ پرجاوادي ڏينهن ملهائڻ بابت.
ii. توهانجي اسڪول ۾ ضلع سطح تي ٿيل وگيان نماءُ بابت
iii. شهر ۾ ٿيل چترڪلا نماءُ بابت
iv. توهانجي اسڪول ۾ ٿيل ساليانې سانسڪرت ڪاريڪرم بابت.
v. اسڪول طرفان شهر ۾ هلايل صفائي هلچل بابت.
vi. ٻڍا آشرم ۾ ڪيل دؤري بابت
vii. اسڪول درفان هلندڙ سال ۾ مليل حاصلات بابت.
viii. هوشيار ٻارن طرفان پنتي پيل شاگردن کي ڪيل مدد بابت
ix. اسڪول ۾ نه ايندڙ شاگردن کي اسڪول ۾ آڻڻ لاءِ ورتل ڪوشش بابت.
x. توهانجي اسڪول ۾ ٿيل تعلقا سطحي راند چٽاڀيٽيءَ بابت.

## احوال لکڻ ( غير بياني ) (گهٽ ۾ گهٽ 6 ڳالهيوُن)

i. لئبرريءَ ۾ طئہ ڪيل نيم.
ii. اسپتيل ۾ طئہ ڪيل نيم.
iii. سائيڪل هلائڻ مان فائدا.
iv. پراجاوادي ڏينهن ملهائڻ جو چارٽ.

v. راشٽريہ سطح تي ڪتيل رانديگر ڪان پڇيل سوال.

vi. شهر ۾ صفائي هلچل لاءِ نعرا.

vii. ’وڻ لڳايو‘ هلچل بابت نعرا.

viii. نصيحت وارا وچن.

## 3. مضمون

i. بياني (Descriptive):

a. وگيان مان فائدا نقصان

b. وقت جي اهميت.

c. تعليم جا مقصد

d. ڳوٺن جا بدلجندڙ نظارا

e. ڪمپيوٽر جي اهميت.

f. موبائيل وردان يا سراپ

g. منهنجي وڻندڙ راند

h. پولار ۾ ڀارت جي ترقي.

i. وديارٿي ۽ انتظام.

j. يڪ تندرستي هزار نعمت.

ii. جيوني (Biographical)

a. موُنکي وڻندڙ نيتا.

b. منهنجو پيارو استاد.

c. منهنجو پيارو رانديگر.

d. منهنجو پريہ سائنسدان

e. منهنجو وڻندڙ ساهتيڪار.

iii. آتم جيوني (Autobiographical ):

a. **چٽيءَ جي آتم ڪٿا**

b. **ڦاٽل ڪوٽ جي آتم ڪٿا**

c. **گل جي آتم ڪٿا**

d. **جهوُني عمارت جي آتم ڪٿا**

e. پراڻي ٿيلهيءَ جي آتم ڪٿا

f. ڪتاب جي آتم ڪٿا.

g. ڪڙميءَ جي آتم ڪٿا

h. پراڻي عمارت جي آتم ڪٿا.

i. زخمي سئنڪ جي آتم ڪٿا.

iv. **خيالي:**

a. جيڪڏهن مان پرڌان منتري هجان...

b. جيڪڏهن مان هيڊماستر هجان...

c. جيڪڏهن مان سائنسدان هجان...

d. جيڪڏهن مان پوليس اڌڪاري هجان...

e. جيڪڏهن منهنجي لاٽري نڪري...

f. جيڪڏهن مان پکي هجان....

**4. گفتگوُ:**

i. مريض ۽ ڊاڪٽر

ii. استاد ۽ شاگرد

iii. دڪاندار ۽ گراهڪ

iv. بئنڪ مئنيجر ۽ گراهڪ

v. بازار ۾ گهڻي وقت کان پوءِ ملندڙ ٻن عوَرتن وچ ۾.

vi. اسڪول ۾ گهربل سڌارن بابت ٻن دوستن وچ ۾

vii. وڏيڪ آيل بجلي بل بابت اڪاريءَ ۽ گراهڪ وچ ۾

viii. توهانجي ۽ توهانجي وٽندڙ رانديگر وچ ۾

ix. وارڊ جي مسئلن تي نگرسيوڪ سان ٿيل گفتگوُ.

x. پرياورڻ ۾ وڌندڙ غلاظت بابت ٻن دوستن ۾ گفتگوُ.

xi. پاڻي بچائڻ بابت ٻن ساهيڙين ۾ ٿيل گفتگوُ.

xii. بس ڪنڊڪٽر ۽ مسافر وچ ۾.

5. ڏنل ٽڪر جو تاتپرج.